# مدني انعامات، راهِ نجات

تحت هفتہ وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنتن ڀريو بيان



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

# مَدَني انعامات، راهِ نجات

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دورد شريف جي فضيلت

رسولِ اَڪرم،نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: اي انسانو! بي شڪ بروزِ قيامت ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلد نجات حاصل ڪرڻ وارو اهو شخص هوندو، جنهن توهان مان مون تي ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهيا هوندا. (فردوس الاخبار، ج۲/۱،۴۷۱،حديث ۸۲۱۰)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:



www.dawateislami.net

”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه“مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوا الله تُوبُوا اِلَي الله!وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدالڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَي مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

❁مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ ”ترجمو کنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث: 4361)جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

[1](المعجم الكبير للطبراني، باب السيقن،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج6، ص 185)



www.dawateislami.net

بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة[2] يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس تدريس پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود تيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## اي نفس! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ

بني اسرائيل جو هڪ شخص نهايت عبادت گذار هو. اهو رات جو اللہ تعالٰي جي عبادت ۾ مصروف رهندو ۽ ڏينهن جو گهمي ڦري ڪجھ شيون ماڻهن کي وڪرو ڪندو هو. اهو اڪثر پنهنجي نفس جو محاسبو (**فڪرِ مدينہ**) ڪندي چوندو هو: ”اي نفس! الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ.“ هڪ ڏينهن اهو معمول جي مطابق پنهنجي گهر کان روزي ڪمائڻ جي لاءِ نڪتو ۽ هلندي هلندي هڪ امير جي دروازي وٽ پهتو ۽ پنهنجون شيون وڪرو ڪرڻ جي لاءِ صدا لڳائي. امير جي گهرواري جڏهن ان حسين شخص کي پنهنجي دروازي جي ويجهو ڏٺو تہ ان تي عاشق تي وئي ۽ ان کي بهاني سان محل جي اندر سڏائي ورتو پوءِ ان کي چوڻ لڳي: اي تاجر! منهنجي

---

[2] ...بخارى، كتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بنى اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

دل تنهنجي طرف مائل ٿي چڪي آهي، مون وٽ گهڻو مال آهي ۽ بهترين لباس آهن، تون اِهو ڪم ڇڏي ڏي آئون توکي ريشمي لباس ۽ گهڻو مال ڏيندس. هي پيشڪش ٻڌي ڪري ان جو نفس ان عورت جي طرف مائل ٿيڻ لڳو، پر فورًا ان پنهنجي عادت جي مطابق (نفس کي مخاطب ڪندي) چيو: ”اي نفس! الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ“ پوءِ ان عورت کي جواب ڏنو: ”مون کي پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جو خوف آهي.“ اها عورت چوڻ لڳي: ”تون منهنجي خواهش پوري ڪرڻ جي بغير هتان وڃي نه ٿو سگهين.“ ان شخص ٻيهر چيو: ”اي نفس! الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ.“ ۽ نجات جي ترڪيب سوچڻ لڳو. آخرڪار ان عورت کي چيو: ”مونکي مهلت ڏي ته آئون ٻه رڪعتون نماز ادا ڪري وٺان.“ اجازت ملڻ تي ان وُضُو ڪيو ۽ ڇت تي هليو ويو، ان ٻه رڪعتون ادا ڪرڻ کان بعد ڇت کان هيٺ نهاريو ته ان جي اونچائي تقريبًا ويهه (20) گز هئي. ان بي وسي وچان آسمان جي طرف ڏٺو ۽ عرض ڪرڻ لڳو: ”اي منهنجا ربّ عَزَّوَجَلَّ! آئون وڏي عرصي کان تنهنجي عبادت ۾ مصروف آهيان، مون کي ان آفت کان نجات عطا فرما.“هي چئي ڪري هن ڇت کان ٽپو ڏنو. الله تعالٰي حضرت سَيدُنا جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کي حڪم ڏنو: ”وڃ منهنجي ٻانهي کي زمين تي ڪرڻ کان اڳ سنڀالي وٺ، ڇو جو ان منهنجي ناراضگي جي سبب ٽپو ڏنو آهي. حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جن نهايت تيزي سان اچي ڪري ان شخص کي سنڀالي ورتو ۽ زمين تي ويهاري ڇڏيو.

(دُرّة الناصحين ، ص٣١٣ بتغير قليل)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت مان معلوم ٿيو ته جيڪو شخص پنهنجي اعمال جو محاسبو ڪرڻ جو معمول ٺاهئي ويندو آهي ته ان



www.dawateislami.net

جي اها چڱي عادت ان جي گناهن کان بچڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي آهي جهڙي طرح ان حڪايت مان معلوم ٿيو ته بني اسرائيل جي ان نيڪ شخص جي دل جيئن ئي گناهه جي طرف مائل ٿي، احتساب ڪرڻ جي عادت جي سبب فورًا ئي ان جي وات مان هي جملو نڪتو: ”اي نفس! الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ.“ ۽ ان تي خوف خدا جو اهڙو غلبو ٿيو جو اهو گناهه ڪرڻ کان بچي ويو گڏوگڏ هي به معلوم ٿيو ته مشڪل وقت ۾ نيڪ عمل ئي انسان جي ڪم ايندا آهن، گهڻو ڪري چڱن عملن جي سبب الله عَزَّوَجَلَّ جي اهڙي مدد حاصل ٿيندي آهي جو وڏي کان وڏي مصيبت آسان ٿي ويندي آهي، اهو ئي سبب آهي جو جڏهن ان نيڪ شخص گناهه کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي عبادتن جو وسيلو پيش ڪندي ڇت جي بلندي کان ٽپو ڏنو ته الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد جي سبب جاني هلاڪت ۽ جسماني مصيبت کان محفوظ رهيو. ياد رهي ته اسان جي شريعت ۾ پنهنجو پاڻ کي هلاڪت ۾ وجهڻ جي اجازت ناهي. بهرحال اسان کي گهرجي ته پنهنجي عملن جو محاسبو ڪندي پاڻ کي گناهن کان بچايون ۽ وڌ کان وڌ چڱا عمل بجا آڻيون، نيڪ عملن جي سبب نه صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد حاصل ٿيندي آهي بلڪ دنيا ۽ آخرت جون بي شمار سعادتون نصيب ٿينديون آهن، ان کان علاوه نيڪيون گناهن کي مٽائڻ جو ذريعو به آهن، قرآنِ ڪريم ۾ جڳهه جڳهه چڱن عملن جا فضائل بيان ڪري ان جي ترغيب ڏياري وئي آهي.

اچو ته انهي متعلق 3 فرمانِ خداوندي پڙهون ٿا:

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ۠ ﴿۸﴾ (پ 24، حم السجدة:8)

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون انهن جي واسطي بي انتها ثواب آهي.



www.dawateislami.net

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ اُولٰٓىِٕكَ هُمْ خَيْرُ الْبَرِيَّةِ ؕ جَزَآؤُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ ؕ (پ30، البينة: 8،7)

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون اهي ئي سموري مخلوق کان بهتر آهن. انهن جو انعام سندن رب وٽ ٽڪڻ جا باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون جن ۾ هميشہ هميشہ رهندا، الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي ان کان راضي ٿيا.

اِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ ؕ (پ 12، هود:114)

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ چڱايون بُراين کي متائي ڇڏينديون آهن.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ جيڪي ماڻهو ايمان آڻڻ کان بعد نيڪ عمل ڪندا آهن، الله عَزَّوَجَلَّ ان خوش نصيبن کي ايتري قدر ثواب عطا فرمائيندو آهي جنهن جي ڪا انتها ناهي گڏوگڏ جنتي باغ ان جو ٺڪاڻو بڻجندا آهن ۽ ڪرم تي ڪرم اهو جو چڱي عملن جي سبب ان جون برائيون مٽايون وينديون آهن، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ زندگي کي موت کان پهرين، تندرستي کي بيماري کان پهرين، جواني کي پوڙهائپ کان پهرين ۽ واندڪائي کي مصروفيت کان پهرين غنيمت ڄاڻيندي آخرت جي لاءِ نيڪين جو خوب خوب ذخيرو جمع ڪريون ۽ گناهن کان بچندي اخلاص ۽ استقامت سان گڏ جنت ۾ وني وڃڻ وارن ڪمن مصروف رهون.

حضرتِ سَيِدُنا جابر بن عبدُالله رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ نبيِ مُڪَرَّم، نُورِمُجسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خطبو ڏيندي ارشاد فرمايو: اي انسانو! مرڻ کان پهرين الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪريو ۽ مشغوليت کان پهرين چڱا اعمال ڪرڻ ۾ جلدي ڪريو ۽ ڪثرت سان ذڪرُ الله ۽ پوشيده



www.dawateislami.net

۽ ظاهري طور تي صدقو ڪرڻ جي ذريعي الله عَزَّوَجَلَّ سان پنهنجو تعلق جوڙي وٺو تہ توهان کي رزق ڏنو ويجي، توهان جي مدد ڪئي ويجي ۽ توهان جي نقصان جي تلافي ڪئي ويجي.

(ابن ماجه، ڪتاب اقامة الصلاة...الخ،باب في فرض الجمعة، ٢/ص ٥، حديث:١٠٨١)

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ ان حديث پاڪ ۾ بہ فڪرِ آخرت ۽ چڱن عملن جي ترغيب ڏياريندي نبيِ مُڪَرَّم، نُورِمُجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نيڪ عمل ڪرڻ وارن کي رزق ۾ فراخي ۽ مشڪلات جي آساني جي بشارت عطا فرمائي آهي، پر ياد رکو تہ استقامت سان گڏ گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي عملن جو محاسبو ڪرڻ نهايت ضروري آهي، تنهنڪري هر شخص کي گهرجي تہ اهو پنهنجي عملن جي انجام تي سنجيدگي سان غور ڪري تہ جيڪو ڪجھ آئون ڪندو آهيان يا ڪري رهيو آهيان يا وري جيڪو ڪجھ ڪرڻ چاهيان ٿو، اهو منهنجي آخرت جي لاءِ فائديمند آهي يا نقصانڪار؟ يقيناً جيڪو مسلمان عملن جو محاسبو ۽ آخرت جي فڪر جي عادت بڻائي وٺندو ان جي ڪردار ۽ گُفتار ۾ آهستي آهستي نکار اچي ويندو ۽ ان جي آخرت بہ بهتر ٿي ويندي. اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ عملن جي محاسبي جو فائدو ۽ اهميت جو اندازو ان ڳالھ مان لڳائي سگھجي ٿو تہ قرآن ۽ حديث ۾ باقاعده ان جي ترغيب ڏياري وئي آهي، جيئن تہ سيپاري 28 سُوْرَةُ الْحَشْر جي آيت نمبر 18 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ لْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ هر جان ڏسي تہ سڀاڻي جي واسطي اڳتي ڇا موڪليو.



www.dawateislami.net

ان آيت جي تحت **تفسير ابنِ ڪثير** ۾ آهي تہ پنهنجو محاسبو ڪري ونو ان ڪان پهرين جو توهان جو محاسبو ڪيو وڃي ۽ غور ڪريو تہ توهان قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ پيش ڪرڻ جي لاءِ نيڪ عملن جو ڪيترو ذخيرو جمع ڪيو آهي.

(تفسير ابنِ ڪثير،پ ٢٨،الحشر،تحت الآية:١٨، ٨ / ١٠٦)

احاديثِ مبارڪہ ۾ نبيِ مُڪَرَّم، نُورِمُجسَّم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بہ ڪيئي ڀيرا عملن جو محاسبو ڪرڻ جي ترغيب ڏياري آهي، اچو تہ انهي متعلق ٽي (3) فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا:

احتساب (**فڪرِ مدينہ**) جي متعلق ٽي (3) فرمانِ مصطفٰي

1. اِذَاهَمَمْتَ بِاَمْرٍ فَتَدَبَّرْ عَاقِبَتَهٗ فَاِنْ كَانَ رُشْدًا فَامْضِهٖ وَاِنْ كَانَ غَيًّا فَانْتَهِ عَنْهُ يعني جڏهن توهان ڪنهن ڪم ڪي ڪرڻ چاهيو تہ ان جي **انجام جي باري** ۾ غور ڪري ونو، جيڪڏهن اهو چڱو آهي تہ ان ڪي ڪري ونو ۽ جيڪڏهن ان جو نتيجو غلط آهي تہ ان ڪان باز رهو.

(ڪنزالعمال ، ٣ /١٠١،حديث:٥٦٧٦)

2. عقل مند جي لاءِ هڪ گهڙي اهڙي هئڻ گهرجي جنهن ۾ اهو پنهنجي **نفس جو محاسبو** ڪري. (شعب الايمان، باب في تعديد نعم الله وشكرها، فصل في فضل العقل، ٤/١٦٤،حديث:٤٦٧٧،مختصراً)

3. فِكْرَةُ سَاعَةٍ خَيْرٌمِّنْ عِبَادَةِسِتِّيْنَ سَنَةً (اُمورِ آخرت ۾) **گهڙي لمحي جي لاءِ غور ۽ فڪر** ڪرڻ سٺ (60) سال جي عبادت کان بهتر آهي.

(ڪنز العمال، ٣/٤٨،حديث:٥٧٠٧)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ قرآنِ ڪريم ۽ احاديثِ مبارڪہ ۾ احتساب جي ڪيتري قدر ترغيب ڏياري وئي آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ چڱي طرح غور ڪري وٺڻ کپي تہ اسان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کي



www.dawateislami.net

راضي ڪرڻ جي لاءِ ڪيتريون نيڪيون ڪيون آهن، بلڪ اسان مان هر هڪ ڪي گهرجي تہ سمجهداري جو ثبوت ڏيندي روزانہ پابندي سان **فڪر مدينہ** (محاسبو ۽ غورو فڪر) ڪرڻ جي عادت بڻايون، نہ تہ ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو اهڙي طرح غفلت جي حالت ۾ موت اچي وڃي ۽ اسان وٽ پڇتائڻ کان علاوه ڪجھ باقي نہ رهي.

## فڪرِ مدينہ چاڪي چوندا آهن؟

ياد رهي تہ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ عملن جو محاسبو ڪرڻ ڪي ٿئي ”**فڪرِ مدينہ**“ چيو ويندو آهي. **فڪرِ مدينہ** مان مراد هي آهي تہ انسان آخرت کي سامهون رکندي پنهنجي زندگي جي معمول تي غور و فڪر ڪري، پوءِ جيڪي ڪم ان جي آخرت جي لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهن ٿا، انهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪري ۽ جيڪي ڪم آخرت جي اعتبار سان نفعي بخش نظر اچن ان ۾ بهتري جي لاءِ ڪوشش ڪري. استقامت سان **فڪرِ مدينہ** ڪرڻ سان خوب خوب برڪتون حاصل ٿينديون آهن، اهو ئي سبب آهي تہ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی اَجْمَعِيْن نهايت استقامت سان (پنهنجي عملن جو محاسبو) ڪندا هئا ۽ ان ڪان ڪنهن صورت بہ غفلت اختيار نہ ڪندا هئا. جيئن تہ،

## پوري ڏينهن فڪرِ مدينہ

حضرت سَيِّدُنا محمد بن واسع رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ بصره جي رهڻ واري ڪنهن شخص حضرت سَيِّدُنا اَبُوذر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وفات کان پوءِ ان جي زوجہ محترمہ کان انهن جي عبادت جي باري ۾ پڇيو تہ انهن جواب ڏنو: اهي سڄو ڏينهن گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ (آخرت جي باري ۾) غور و فڪر ڪندا رهندا هئا. (احياء علوم الدين، ڪتاب التفڪر، ١٦٢/٥)



www.dawateislami.net

## هر وقت فکرِ مدينه

منقول آهي تہ حضرت سَيِّدُنا حَسَن بَصري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ چاليهه (40) سالن تائين نہ کِليا. راوي چون ٿا تہ مان جڏهن بہ انهن کي ويهندي ڏسندو هوس تہ ايئن لڳندو هو ڄڻ هڪ قيدي هجن جنهن جو ڪنڌ لاهڻ جي لاءِ آندو ويو هجي ۽ جڏهن گفتگو فرمائيندا هئا تہ انداز اهڙو هوندو هو ڄڻ آخرت کي اکين سان ڏسي ان جا احوال ٻڌائي رهيا هجن ۽ جڏهن خاموش رهندا هئا تہ ايئن محسوس ٿيندو هو ڄڻ انهن جي اکين جي سامهون باهہ ڀڙڪي رهي آهي. جڏهن انهن کان ايتري قدر غمگين رهڻ جو سبب پڇيو ويو تہ فرمايائون: مون کي ان ڳالهہ جو خوف آهي تہ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي ڪجھ ناپسنديده عملن کي ڏسي مون تي غضب فرمايو ۽ هي فرمائي ڇڏيو تہ "وڃ! آئون توکي نہ ٿو بخشيان" تہ ان صورت ۾ منهنجا سڀ عمل ضايع ٿي ويندا. (احياءعلوم الدين، ڪتاب الخوف والرجاء، ۴/۲۳۱)

## نفس جي محاسبي جو منفرد طريقو

حضرت سَيِّدُنا اِبراهيم تيمي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري مون تصور ڪيو تہ آئون جنت ۾ آهيان، اُتان جا ميوا کائي رهيو آهيان، ان جي نهرن مان مشروب پي رهيو آهيان ۽ حورن سان ملاقات ڪري رهيو آهيان، ان کان پوءِ اهو خيال ڪيم تہ آئون جهنم ۾ آهيان ۽ باهہ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل (آهيان) ڪنڊن وارا وڻ کائي رهيو آهيان ۽ دوزخين جو پيپ پي رهيو آهيان. پوءِ مون پنهنجي نفس کان پڇيو: ٻڌاءِ هاڻي تو ڇا ٿو چاهين؟ منهنجي نفس جواب ڏنو، آئون دنيا ۾ واپس وڃڻ چاهيان ٿو تہ جيئن نيڪيون ڪري سگهان. مون چيو: وڃ تنهنجي خواهش پوري ڪئي ٿي وڃي، هاڻي نيڪيون ڪري وٺ.

(مکاشفة القلوب، الباب الثمانون في بيان المحبة ...الخ، ص ٢٦٥)



www.dawateislami.net

## روزانو فڪرِ مدينو

حضرت سَيِّدُنا عطاء سُلَمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن خوف خدا جي سبب چاليھ (40) سالن تائين آسمان جي طرف نہ ڏٺو ۽ نہ ئي ڪنھن انھن کي مسڪرائيندي ڏٺو، انھن جي باري ۾ منقول آھي پاڻ روزانو پنھنجي نفس کي مخاطب ڪري فرمائيندا ھئا: اي نفس! تون پنھنجي حد ۾ رھ ۽ ياد رک! توکي قبر ۾ بہ وڃڻو آھي، پُل صراط تان بہ گذرڻو آھي، دشمن آسپاس موجود ھوندا جيڪي توکي ساڄي کاٻي طرف ڇڪيندا، ان وقت قاضي، رب تعالٰي جي ذات ھوندي ۽ جيل، جھنم ھوندي جڏھن تہ ان جا داروغہ سَيِّدُنا مالڪ (عَلَيْهِ السَّلَام) ھوندا، ان ڏينھن جو قاضي (مَعَاذَاللهِ عَزَّوَجَلَّ) ناانصافي جي طرف مائل نہ ھوندو ۽ نہ ئي داروغہ ڪا بہ رشوت قبول ڪندا ۽ نہ ئي جيل ٽوڙڻ ممڪن ھوندو جو تون اُتان ڪان فرار ٿي سگھين، قيامت جي ڏينھن تنھنجي ھلاڪت ئي ھلاڪت آھي، ھي بہ معلوم ناھي تہ فرشتا توکي ڪيڏانھن وٺي ويندا، عزّت ۽ آرام جي مقام جنت يا حسرت ۽ تنگي جي جڳھ جنھم ۾، (اھڙي طرح پاڻ فڪرِ مدينہ ڪندا رھندا ھئا) انھي دوران سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي اکين مبارڪ مان لڙڪ بہ وھندا رھندا ھئا. (حڪايات الصالحين،ص ٥٠)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توھان ڏٺو تہ اسان جي بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ المبين ۾ فڪرِ مدينہ جو ڪيتري جذبو قدر موجود ھو، جو ان مبارڪ ھستين جي ويجھو **فڪرِ مدينہ** (يعني محاسبو ڪرڻ) جي ڪيتري قدر اھميت ھئي جو ھر وقت پنھنجي عملن جي باري ۾ فڪرمند رھندا ھئا تہ نہ ڄاڻ اسان جا ھي اعمال الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ مقبول ٿي اسان جي مغفرت جو ذريعو بڻجندا يا مردود ٿي اسان جي ھلاڪت جو سبب ثابت ٿيندا. ٿورو سوچيو تہ جڏھن ھي بارگاھِ خداوندي جا مقبول ٻانھا ايتري قدر استقامت سان **فڪرِ**



www.dawateislami.net

**مدينہ** کندا هئا تہ اسان گناهگارن کي **فڪرِ مدينہ** جي ڪيتري قدر ضرورت آهي. **فڪرِ مدينہ** ڪرڻ جي فائدن ۽ نہ ڪرڻ جي نقصانن جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳايو تہ جهڙي طرح ڪاروبار سان تعلق رکڻ وارو ڪوبہ شخص ان وقت ڪامياب ڪاروباري بڻجي سگهجي ٿو جڏهن اهو پنهنجي خرچ ڪيل مال کان وڌيڪ نفعو ڪمائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ۽ ان جو اصل سرمايو بہ محفوظ رهي. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ اهو پنهنجي ڪاروبار (Business) جي حساب ڪتاب کي روزانہ، هفتيوار، ماهانا ۽ سالانہ جي بنياد تي تقسيم ڪندو آهي، پوءِ ان تي مختلف طرفن کان نہ صرف زباني غور و فڪر ڪندو آهي بلڪ ان کي تحرير بہ ڪندو آهي ۽ مختلف طريقن کان ان کي محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪندو آهي، گڏوگڏ جتي ڪنهن قسم جي خامي نظر اچي وڃي ان کي دُرُست بہ ڪندو آهي ۽ جيڪا شيءِ نفعي کي حاصل ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجندي نظر ايندي آهي ان کي ختم بہ ڪندو آهي. جيڪڏهن اهو پنهنجي ڪاروباري معاملن جو محاسبو نہ ڪري تہ اڪثر ڪري ان کي نفعو ملڻ تہ پري، ابتو نقصان کي منهن ڏيڻو پوندو آهي ۽ جيڪڏهن ان نقصان کان پوءِ بہ اهو غفلت نہ ڇڏي تہ هڪ ڏينهن اهڙو بہ ايندو آهي جو ان جو اصل سرمايو بہ باقي نہ رهندو آهي ۽ اهو پئسي پئسي جو محتاج ٿي ويندو آهي. بلڪل اهڙي طرح جيڪو شخص "**ڪاروبارِ آخرت**" ۾ نفعو ڪمائڻ جو خواهشمند هجي ان کي گهرجي تہ پنهنجي ڪيل عملن تي غور ڪري. جيڪي عمل ان کي نفعو ڏيارڻ ۾ مددگار ثابت ٿين، انهن کي مزيد بهتر ڪري ۽ جيڪي ڪم ان نفعي کي حاصل ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي رهيا هجن، انهن کي ڇڏي ڏي. جيڪو شخص اهڙي طرح پنهنجو حساب ڪتاب جاري رکندو، اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي توفيق سان ڪاميابي ماڻيندو ۽ نفعي جي صورت ۾ اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ان کي جنت ۾



www.dawateislami.net

داخل ٿيڻ نصيب ٿيندو ۽ جيڪڏهن ايئن ڪرڻ جي بجاءِ "**خوابِ غفلت**" جو شڪار ٿي وڃي ته اهو خساري ۾ رهندو، جنهن جي نتيجو جهنم ۾ داخل ٿيڻ جي صورت ۾ سامهون اچي سگهي ٿو. (وَالْعِيَاذُبِاللهِ عَزَّوَجَلَّ)

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علّامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن آسان ۽ بهترين انداز ۾ **فڪرِ مدينه** (يعني پنهنجي محاسبي) ڪرڻ جي حوالي سان اسان جي جيڪا رهنمائي فرمائي آهي، اها واقعي داد جي قابل ۽ عمل جي لائق آهي، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هن پُرفتن دور ۾ آساني سان نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي طريقہ ڪار تي مشتمل شريعت ۽ طريقت جو جامع مجموعو "**مدني انعامات**" بصورت سوالات عطا فرمايو آهن. اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، طالبِ علمِ دين جي لاءِ 92، طالبات جي لاءِ 83، مدني منن ۽ مدني منين جي لاءِ 40 ۽ خُصوصي (يعني گونگن ۽ ٻوڙن) اسلامي ڀائرن جي لاءِ 27 مدني انعامات آهن. مدني انعامات جو هي عظيم تحفو نه صرف اسلاف رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰى جي ياد ڏياري ٿو بلڪ انهن جي نقشِ قدم تي هلندي **فڪرِ مدينه** ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي، ان تي عمل پيرا ٿي ڪري اسان پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جو عظيم جذبو حاصل ڪري سگهون ٿا گڏوگڏ اڪيلائي ۾ مدني انعامات جي رسالي کي کولي ڪري ان ۾ ڏنل سُوالن جو جواب خود ئي "ها" يا "نه" جي ذريعي پنهنجي عملن جي چڱي يا بُري هئڻ جو جائزو وٺندي پنهنجي غلطين کي سڌاري سگهون ٿا. جڻ ته هي مدني انعامات اسان کي روزانه پنهنجي ئي قائم ڪيل خود احتسابي جي عدالت ۾ حاضر ڪري اسان جي پنهنجي ئي ضمير کان فيصلو ڪرائيندا آهن ۽ اسان کي



www.dawateislami.net

پنهنجي اصلاح ۽ نجات جو موقعو فراهم ڪندا آهن. درحقيقت هي **مدني انعامات** جنت ۾ وني وڃڻ وارن ۽ جهنم کان بچائڻ وارن عملن جي طرف ترغيب ڏيارڻ جو مجموعو آهي. جڻ ته شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسان جي عملي بدحالي ملاحظ فرمائيندي اسان جي اصلاح جو بهترين طريقو اختيار فرمايو، ته جيئن اسان روزانه وقت مقرر ڪري **فڪرِ مدينه** (خود احتسابي) تي استقامت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون. اهو ئي سبب آهي ته بي شمار اسلامي ڀائر، اسلامي ڀينرون ۽ طلبہ روزانه سمهڻ کان پهرين "**فڪرِ مدينه**" ڪندي مدني انعامات جي پاڪيٽ (جيبي) سائز رسالي ۾ ڏنل خانه پُر ڪندا آهن، جنهن جي برڪت سان نيڪ بنجڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي راهه ۾ موجود رڪاوٽون الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان آهستي آهستي ختم ٿينديون وينديون آهن ڳڏوگڏ سُنت جو پابند بنجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت ڪرڻ جي لاءِ ڪُڙهڻ جو ذهن به ٺهجندو آهي.

مَدَنی اِنعامات کی بھی مَرحَبا کیا بات ہے
قُربِ حَق کے طالِبوں کے واسطے سَوغات ہے

## راهِ نجات جو بهترين ذريعو

**مدني انعامات** جي باري ۾ جيڪڏهن ڪهي چيو وڃي ته هي نجات جي راهه تي هلڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي ته شايد هي چوڻ غلط نه هوندو، ڇو جو ان مان ڪجهه مدني انعامات فرائض تي، ڪجهه واجبات تي ۽ ڪجهه سُنتن ۽ مستحبات تي مشتمل آهن ۽ يقيناً هي سڀ ڪم آخرت جي نجات جو سبب ۽ جهنم کان بچائي جنت تائين پهچائڻ وارا آهن. اچو ته ان مان ڪجهه مدني انعامات جي باري ۾ ٻڌون ٿا مثلاً:



www.dawateislami.net

سپ کان پهريون مدني انعام ”چا اڄ توهان ڪجهه نه ڪجهه جائز ڪمن کان پهرين سٺيون سٺيون نيتون ڪيون؟ گڏوگڏ ٻن کي ان جي ترغيب ڏياري؟“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! عمل جي قبوليت جي لاءِ آخرت جي ثواب جي نيت ضروري آهي جيئن ته سيپاري 15 سورۂبنی اسرائیل جي اوڻيهين 19 آيتِ مبارڪ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ مَنْ اَرَادَ الْاٰخِرَةَ وَ سَعٰى لَهَا سَعْيَهَا وَ هُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓىٕكَ كَانَ سَعْيُهُمْ مَّشْكُوْرًا ﴿۱۹﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جيڪو آخرت گهري ۽ ان جي لائق ڪوشش ڪري ۽ هجي ايمان وارو پوءِ انهن جي ڪوشش ڪارگر ٿي.

ان آيتِ مبارڪ جي تحت صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدِّين مراد آبادي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهادي فرمائن ٿا: عمل جي قبوليت جي لاءِ ٽي (3) شيون گهربل آهن: (1) طالبِ آخرت هئڻ (چڱي نيت هئڻ) (2) سَعي (يعني ڪوشش ڪرڻ) يعني عمل کي اهتمام سان ان جي حقن سان گڏ ادا ڪرڻ (3) ايمان جيڪو سڀ کا وڏيڪ ضروري آهي.

احاديثِ مبارڪ ۾ به نيت جي اهميت بيان ڪئي وئي آهي. اچو ته انهي متعلق 3 **فرمانِ مصطفےٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا:

1. سچي نيت عرش سان چنبڙي پوندي آهي بس جڏهن ڪو ٻانهو پنهنجي نيت کي سچو ڪري ڇڏيندو آهي (يعني پنهنجي نيت جي مطابق عمل ڪندو آهي) ته عرش لُڏڻ لڳندو آهي پوءِ ان ٻانهي کي بخشيو ويندو آهي.

(تاريخ بغداد، ١٢/ ٤٤٣، حديث:٦٩٢٦)

2. الله عَزَّوَجَلَّ آخرت جي نيت تي دنيا عطا فرمائيندو آهي پر دنيا جي نيت تي آخرت فرمائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو آهي.

(اَلزُّهْد لِابن مُبارَڪ، ص١٩٣ حديث٥٤٩)



www.dawateislami.net

3. اعمال جو دارومدار نيتن تي آهي هر شخص جي لاءِ اهو آهي جنهن جي اهو نيت ڪري. (بخارى ١/ ٦ حديث:١)

آخري حديث جي باري ۾ شارح بخاري حضرت مُفتي محمد شريفُ الحَقّ اَمجدي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ ان حديث جو هي مطلب آهي تہ عملن جو ثواب نيت تي ئي (موقوف) آهي، يعني بغير نيت جي ڪنهن ثواب جو استحقاق (اِس.تحِ.قاق) ناهي. (نزهةُ القاري ١/٢٢٤)

اچّھی اچّھی نیّتوں کا ہو خدا جذبہ عطا
بندۂ مُخلِص بنا، کر عَفو میری ہر خطا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل احاديثِ مبارڪہ مان نيت جي اهميت ۽ فضيلت معلوم ٿي، تنهنڪري اسان کي بہ ثواب حاصل ڪرڻ جي خاطر هر جائز ۽ نيڪ عمل کان پهرين سٺيون سٺيون نيّتون ڪري وٺڻ گهرجن تہ جيئن ان جي برڪت سان اسان جي اعمال نامي ۾ اجر ۽ ثواب جو ذخيرو جمع ٿيندو رهي.

اهڙي طرح هڪ مدني انعام هي آهي تہ **”ڇا اڄ توهان پنج ئي نمازون مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبيرِ اولٰي سان گڏ باجماعت ادا فرمايون؟ ۽ هر ڀيري ڪنهن هڪ کي پاڻ سان گڏ مسجد ۾ وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي؟“**

ان مدني انعام جي باري ۾ تہ اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي رسالي **”نيڪ بنجڻ جو نسخو“** ۾ فرمائن ٿا تہ صرف ان هڪ مدني انعام تي جيڪڏهن ڪو ڪاربند ٿي وڃي تہ ان جو بيڙو پار ٿي وڃي“.

## سابقہ گناہ معاف

رسولِ اَکرم،نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو بہ (2) رڪعت نماز پڙهي، ان ۾ سَهوَ (يعني غلطي) نہ ڪري تہ جيڪي گناهہ پهريان ٿيا آهن الله عَزَّوَجَلَّ معاف فرمائي ڇڏيندو آهي.
(المسند للامام احمد بن حنبل، مسند الانصار، ٨/١٦٢،حديث :٢١٧٤٩)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته! ٻن رڪعتن جي جڏهن اها فضيلت آهي ته جيڪو شخص پنج ئي نمازون ۽ اهي ٻه باجماعت ادا ڪرڻ لڳي وڃي ته ان جا ته ڀاڳ ئي ڀلا ٿي ويندا.

## 27 درجا وڌيڪ

حضرت سَيِّدُنا عبدُالله بن عُمَر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه، راحتِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: باجماعت نماز، اڪيلي نماز کان 27 درجا وڌيڪ آهي.

(مسلم،كتاب المساجد ومواضع الصلاة، باب فضل صلاة الجماعة...الخ،ص٣٢٦،حديث:٢٥٠)

## جهنم کان آزادي

مزيد هن مدني انعام ۾ تڪبيرِ اولٰي جو به ذڪر آهي. ان جي فضيلت حديثِ پاڪ ۾ هي بيان ڪئي وئي آهي ته جيڪو مسجد ۾ چاليهه (40) راتيون نماز عشاء باجماعت اهڙي طرح پڙهي جو پهرين رڪعت فوت نه ٿئي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جهنم کان آزادي لکي ڇڏيندو آهي.

(سنن ابن ماجه،كتاب المساجد و الجماعا ت ،باب صلاة العشاء و الفجر في جماعة،١/ ٤٣٧ حديث 798)

سُبۡحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ ! صرف چاليهه (40) ڏينهن تائين عشاء جي نماز تڪبيرِ اولٰي سان گڏ پڙهڻ جي جڏهن اها فضيلت آهي ته زنده رهجي وڃڻ جي صورت ۾ پوري زندگي پنج ئي نمازون تڪبيرِ اولٰي سان گڏ ادا ڪرڻ جو ڇا مقام هوندو.

## مسجد جي حاضري

هن "**مدني انعام**" ۾ جيئن ته باجماعت نماز جي ترغيب ڏياري وئي آهي ۽ باجماعت نماز عام طور تي مسجد ۾ ئي ادا ڪئي ويندي آهي، تنهنڪري



www.dawateislami.net

هن **مدني انعام** تي عمل ڪرڻ صبح ۽ شام مسجد جي حاضري جو ذريعو بہ آهي جيڪا سعادت آهي: حضرتِ سَيِّدُنا ابُو هُرَيره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ حُضُورِ اڪرم،نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:

مَنْ غَدَا اِلَى الْمَسْجِدِ اَوْ رَاحَ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهٗ فِي الْجَنَّةِ نُزُلًا كُلَّمَا غَدَا اَوْ رَاحَ جيڪو شخص صبح ۽ شام مسجد ۾ وڃي تہ جيترا پيرا ويندو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جنت ۾ مهماني تيار فرمائيندو.

(مسلم،ڪتاب المساجد... الخ، باب المشي الي الصلاة... الخ، ص٣٣٦،حديث: ٦٦٩)

## پهرين صف

هن مدني انعام ۾ پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جي بہ ترغيب ڏياري وئي آهي، جنهن جي متعلق حديثِ پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي تہ جيڪڏهن ماڻهن کي هي معلوم ٿي وڃي تہ اذان ڏيڻ ۽ پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ ۾ ڪيترو اجر آهي ۽ پوءِ انهن کي قرعہ اندازي کان بغير اها سعادت حاصل نہ ٿئي تہ ان جي خاطر ضرور قرعہ اندازي ڪندا.

(مسلم ،ڪتاب الصلوة، باب تسوية الصفوف و اقامتها...الخ، ص٢٣١، الحديث:٤٣٧)

## غصو پيئڻ ۽ درگزر کان ڪم وٺڻ وارا مدني انعام

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!توهان ڏٺو تہ باجماعت نماز پڙهڻ واري هن مدني انعام تي عمل ڪرڻ ڪيتري قدر اجر ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. اهڙي طرح هڪ مدني انعام هي بہ آهي تہ ”ڇا اڄ توهان ڪنهن تي غصو اچي وڃڻ جي صورت ۾ چُپ اختيار ڪري غُصّي جو علاج فرمايو يا ڳالهائي ڇڏيوَ؟ ڪڏهن ڪڏهن درگزر کان ڪم ورتو يا انتقام جو موقعو ڳوليندا رهيا؟ “ هاڻي هن **مدني انعام** تي غور ڪريو تہ معلوم ٿيندو تہ معاشري ۾ امن ۽



www.dawateislami.net

امان قائم ڪرڻ ۾ فتني فساد کي پاڙ کان پٽڻ جو هي ڪيترو زبردست طريقو آهي. ظاهر آهي تہ جڏهن هر شخص پنهنجي اندر جي انتقام جي باھ کي وسائي ڇڏيندو ۽ معاف ڪري ڇڏڻ ۽ صبر ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪندو تہ فتني فساد ۽ لڙائي جهڳڙن جو جڙ کان خاتمو ٿي ويندو ۽ اهڙي طرح اسان جو معاشرو امن جو گهوارو بڻجي ويندو. هن مدني انعام ۾ عفو ۽ درگزر کان ڪم وٺڻ جي بہ ترغيب ڏياري وئي آهي، عفو ۽ درگزر جو مطلب هي آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص کان ڪا خطا ۽ قُصُور سرزد ٿي وڃي يا اهو اسان تي ظلم ۽ زيادتي ڪري يا ڪنهن بہ طرح اسان کي ايذاء پهچائي تہ بدلو ۽ انتقام وٺڻ يا ان کي گهٽ وڌ ڳالهائي پنهنجي دل جي ڪاوڙ ڪڍڻ جي بجائي اسان ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ معاف ڪري ڇڏيون. غصو پي ڇڏڻ ۽ ماڻهن کي معاف ڪري ڇڏڻ بهترين خصوصيت ۽ پياري عادت آهي. سيپاري 1 سُوْرَةُ الْبَقَرَہ جي آيت نمبر 109 ۾ ارشادِ خداوندي آهي:

فَاعْفُوْا وَاصْفَحُوْا

**ترجمو ڪنزالايمان:** سو اوهان ڇڏي ڏيو ۽ معاف ڪريو.

سرڪارِ مَدِينَهٔ مُنَوَّره، سُلطانِ مکّهٔ مُکَرَّمَه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ معظم آهي: جيڪو غصو پي وٺندو جڏهن تہ اهو نافذ ڪرڻ تي قدرت رکندو هجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ان جي دل کي پنهنجي رِضا سان پري ڇڏيندو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بين کي ترغيب ڏيڻ سان گڏوگڏ پاڻ بہ ذاتي معاملن ۾ عفو ۽ درگذر کان ڪم وٺندا آهن گڏوگڏ تحديثِ نعمت جي لاءِ ارشاد فرمائن ٿا تہ ”اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **آئون پنهنجي اندر**



www.dawateislami.net

**انتقام (بدلي) جو جذبو نہ ٿو ڏسان" اي ڪاش! اسان کي بہ هرو ڀرو غصّي، جذباتيت ۽ پنهنجي ذات جي خاطر انتقام وٺڻ کان بچڻ ۾ ڪامياب ٿي** وڃون. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

اهڙي طرح شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **مدني انعام** نمبر 6 ۾ سلام کي عام ڪرڻ جي عادت بنائڻ جي لاءِ ارشاد فرمائن ٿا: ڇا اڄ توهان گهر، آفيس، بس، ٽرين وغيره ۾ ايندڙ ويندڙ ۽ گهرن کان گذرندي يا رستي ۾ بيٺل ۽ ويٺل مسلمانن کي سلام ڪيو؟

## اسلام جو بهترين عمل

سلام جي حسن ۽ خوبي جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳايو تہ سَلام، اسلام جو بهترين عمل آهي ڳڌوڳڏ ڪنهن شخص کي سلام ڪرڻ ايئن آهي جيئن ان صدقو ڏنو هجي، سلام گناهن جي بخشش ۽ معافي جو ذريعو بہ آهي ۽ جنت ۾ داخلي جو سبب بہ آهي، هڪ شخص نور جي پيڪر، سڀ نبين جي سرور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پڇيو: اسلام جو سڀ کان بهترين عمل ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: ڪاڌو ڪارائڻ ۽ مسلمانن کي سلام ڪرڻ چاهي تون ان کي سڃاڻيندو هجين يا نہ سڃاڻيندو هجين. (بخاري، ڪتاب الايمان، باب اطعام الطعام من الاسلام، ١/ ١٦، حديث:١٢) هڪ موقعي تي ارشاد فرمايو: توهان جو ماڻهن کي گرم جوشي سان سلام ڪرڻ بہ صدقو آهي (جامع العلوم والحکم، ١/٢٣٥) حضرت سَيِّدُنا ابنِ عُمَر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان مروي آهي تہ جيڪو مسلمان ويهہ (20) مسلمانن کي سلام ڪري، ان جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي آهي. (ڪنزالعمال، ڪتاب



www.dawateislami.net

الصحبة،الباب الرابع ،الجزء۹،۵۱/۵، حديث:۲۵۲۸۲) نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ ڪي بہ ٻہ (2) مسلمان ملاقات ڪندا آهن، پوءِ ٻئي مصافحو ڪندا آهن تہ انهن ٻنهي جي جُدا ٿيڻ کان پهريان ئي انهن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا آهن. (مشڪاة المصابيح، ڪتاب الآداب، باب المصافحة و المعانقة،۱۶۹/۲،حديث:۴۶۷۹)

حضرت سَيِّدُنا بَراء بن عازِب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي، انهن چيو تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جيڪو شخص چار (4) رڪعتون ٻنپهرن کان پهرين پڙهي جڻ تہ ان انهن رڪعتن کي شب قدر ۾ پڙهيو ۽ ٻہ (2) مسلمان جڏهن مصافحو ڪندا آهن تہ انهن جا گناهہ ڇڻي ويندا آهن ڪو گناهہ باقي نہ رهندو آهي.

(مشڪاة المصابيح،ڪتاب الآداب،باب المصافحة و المعانقة، ۱۷۱/۲،حديث:۴۶۹۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رهي ! تہ بيان ڪيل احاديث ۾ جتي تمام گناهن جي معاف ٿيڻ جو ذڪر آهي، ان مان مراد صغيره (يعني ننڍا) گناهہ آهن ڇو جو ڪبيره (يعني وڏا گناهہ) تہ سچي توبھ ڪرڻ جي بغير ۽ اهڙي طرح صاحبِ حق کان حق معاف ڪرائڻ جي بغير معاف نہ ٿيندا آهن. بهرحال سلام نبين جي امام، خيرالانام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اهڙي مٺي مٺي سنت آهي جو ان جي ذريعي نفرت ۽ عداوت ختم ٿي ويندي آهي ۽ پاڻ ۾ دوستي ۽ محبت جي فضا قائم ٿيندي آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ هنن احاديثِ ڪريمہ مان ملندڙ رنگ برنگ مدني گُلن جي روشني مان سلام کي عام ڪرڻ واري مدني انعام تي عمل ڪندي بغير تفاوت جي مسلمانن کي سلام ڪريون، چاهي انهن کي سڃاڻيندا هجون يا نہ سڃاڻيندا هجون. اهڙي طرح جڏهن پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيون تہ گهروارن کي سلام ڪريون.



www.dawateislami.net

اڄڪلهه عام طور تي ماڻهو گهر کان ٻاهر تہ ڪنهن حد تائين هڪ ٻئي کي سلام ڪري وٺندا آهن پر گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت گهروارن کي سلام نہ ڪندا آهن، بلڪ خاموشي سان گهر ۾ داخل ٿي ويندا آهن، هي طريقو خلافِ سُنت آهي جڏهن تہ گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت سلام ڪرڻ سُنت بہ آهي ۽ باعثِ خير و برڪت بہ آهي.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ هنن مدني انعامات تي عمل ڪرڻ جون ڪهڙيون نہ برڪتون آهن جوهنن جي ذريعي جتي فرائض ۽ واجبات تي استقامت حاصل ٿيندي آهي، اُتي پنهنجي اندر ۾ موجود معاشرتي ۽ اخلاقي خامين (يعني ڪمزورين) کي ختم ڪرڻ جو موقعو بہ ملندو آهي. هي تہ ڪجهہ **مدني انعامات** جي برڪتن جي باري ۾ اسان ٻڌو، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سڀ جا سڀ مدني انعامات پنهنجي اندر ڪيتري قدر رحمتون ۽ برڪتون رکن ٿا. جيڪڏهن اسان صحيح معنيٰ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جا فرمانبردار، سچا عاشقِ رسول ۽ باعمل مسلمان بنجڻ چاهيون ٿا تہ اسان کي شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا عطا ڪيل **مدني انعامات** ضرور اپنائڻ گهرجن، هي **مدني انعامات** راهِ نجات اپنائڻ ۽ نيڪ بنجڻ جو بهترين مدني نسخو آهن ۽ بالخصوص گناهن جي مرض جي لاءِ دوا ثابت ٿيندا آهن. اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: مونکي مدني انعامات سان پيار آهي. فرمائن ٿا: جيڪڏهن توهان الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي خاطر سچي دل سان انهن کي قبول ڪري انهن تي عمل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو تہ توهان زندگي ۾ جلد ئي اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جون برڪتون ڏسي وٺندا.



www.dawateislami.net

توهان کي اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ قلبي سکون نصيب ٿيندو، باطن جي صفائي ٿيندي گڏوگڏ خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ عشقِ مصطفٰي جا چشما توهان جي دل مان نڪرندا. اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ توهان جي علائقي ۾ دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم حيرت انگيز طور تي وڌندو. جيئن ته مدني انعامات تي عمل الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. تنهنڪري شيطان توهان کي ڪيترائي سُستي ڏياريندو، طرح طرح جا بهانا ذهن ۾ آڻيندو، توهان جي دل نه لڳي سگهندي پر همت نه هارجو، اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ دل لڳي ئي ويندو.

اے رضاؔ ہر کام کا اِک وقت ہے
دِل کو بھی آرام ہو ہی جائے گا

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو ته مزيد **مدني انعامات** جا مختصر فضائل پڙهون تا ته جيئن اسان جي دل ۾ نفس ۽ عملن جو محاسبو ڪرڻ جي مزيد رغبت پيدا ٿي سگهي جيئن ته ۞ هن **مدني انعامات** مان هڪ **مدني انعام** تمام گناهن کان توبهه ڪرڻ وارو به آهي. توبهه ڪرڻ واري جي باري ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: سڀ انسان خطاڪار آهن ۽ خطاڪارن مان بهتر اُهي آهن جيڪي توبهه ڪري وٺندا آهن. (ابن ماجه، ڪتاب الزهد، باب ذڪر التو به، ۴۹۱/۴، حديث:۴۲۵۱) ۞ اهڙي طرح تهجد ادا ڪرڻ واري مدني انعام جي اهميت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳايو ته رسولِ اڪرم ، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: فرض نماز کان بعد سڀ کان افضل نماز رات جو پڙهي ويندڙ نماز آهي. (مسلم، ڪتاب الصيام،ص۵۹۱،حديث:۱۱۶۳) ۞ هڪ مدني



www.dawateislami.net

انعام مغرب کان بعد ادا ڪيا ويندڙ اوابين جي نفلن جي باري ۾ به آهي. ان جي فضيلت ۾ اچي ٿو ته جيڪو شخص مغرب کان بعد ڇهه (6) رڪعتون اهڙي طرح ادا ڪري جو انهن جي درميان ڪا بُري ڳالهه نه چوي ته هي ڇهه (6) رڪعتون ٻارنهن (12) سالن جي عبادت جي برابر آهي. (ابن ماجه، ڪتاب اقامة الصلوٰة...الخ،باب ما جاءفي الست رڪعات ...الخ،۲/۴۵،حديث:۱۱۶۷) ۞ چاشت جا نفل ادا ڪرڻ وارو مدني انعام به زبردست فضيلت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. جناب صادق و امين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو اي ابنِ آدم! تون ڏينهن جي شروع ۾ چار (4) رڪعتون ادا ڪرڻ کان عاجز نه رهه، آئون ڏينهن جي آخر تائين تنهنجي ڪفايت ڪندس. (السنن الڪبريٰ ۱/ ۱۷۷،حديث: ۴۶۸) ۞ ڪوڙ کان بچڻ واري مدني انعام تي عمل ڪرڻ به جنتي گهر حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. نبيِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو حق تي هوندي جهڳڙو ختم ڪري آئون ان جي لاءِ جنت جي ڪناري هڪ گهر جي ضمانت ڏيان ٿو ۽ ڪوڙ ڇڏڻ واري کي جنت جي وچ ۾ هڪ گهر جي ضمانت ڏيان ٿو جڏهن ته اهو مِزاح (خوش طبعي) جي طور تي ڪوڙ ڳالهائيندو هجي ۽ چڱي اخلاق واري کي جنت جي اعلٰي درجي ۾ هڪ گهر جي ضمانت ڏيان ٿو. (ابو داؤد،ڪتاب الادب، باب في حسن الخلق ، ۴/ ۳۳۲، حديث: ۴۸۰۰) ۞ غيبت کان بچڻ واري مدني انعام تي عمل ڪرڻ قُربِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. سلطانِ بحروبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته جنهن جو مال گهٽ هجي ۽ اهل و عيال زياده ٿيو ۽ نماز سٺي ٿي ۽ ان مسلمانن جي غيبت نه ڪئي، جڏهن اهو قيامت جي ڏينهن ايندو ته مون سان گڏ هن طرح هوندو جيئن منهنجون هي ٻه (2) آڱريون آهن. (مجمع الزوائد،ڪتاب الزهد ، باب في من قلّ ماله وڪثرت عياله، ۱۰/ ۴۴۹، حديث: ۱۷۸۶۸) ۞ مدرسة



www.dawateislami.net

المدينہ بالغان ۾ قرآنِ ڪريم پڙهڻ پڙهائڻ واري مدني انعام تي عمل ڪرڻ بہ لازمي باعثِ سعادت آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بي شڪ ماڻهن ۾ ڪجهہ الله وارا آهن. صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهي ڪير آهن؟ فرمايو: قرآن پڙهڻ وارا جو اهي ماڻهو الله وارا آهن ۽ خاص ۾ شامل آهن. (ابن ماجه،كتاب السنة، باب في فضل من تعلم القرآن وعلمه ، ١/ ١٤٠،حديث: ٢١٥) ۞ مختلف ورد ۽ وظيفا پڙهڻ وارا مدني انعام جيڪي ذڪر ۽ اذڪار جي ترغيب تي مشتمل آهن. ذڪر جي فضيلت جي باري ۾ حديثِ قدسي ۾ اچي ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو: جڏهن منهنجو ٻانهو منهنجو ذڪر ڪندو آهي ۽ ان جا چپ منهنجي لاءِ هلندا آهن تہ آئون ان سان گڏ هوندو آهيان. (ابن ماجه، كتاب الادب، باب فضل الذكر، ٢٤٣/٤، حديث:٣٧٩٢) ۞ سومر جي ڏينهن روزي رکڻ واري مدني انعام تي عمل ڪرڻ بہ حديثِ پاڪ جي روشني ۾ پسنديده عمل آهي. فرمانِ مصطفٰے صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:سومر ۽ خميس جي ڏينهن اعمال پيش ڪيا ويندا آهن، تنهنڪري آئون پسند ڪريان ٿو تہ جڏهن منهنجو عمل پيش ڪيو وڃي آئون روزيدار هجان. (ترمذى،كتاب الصوم، با ب ماجاء في صوم يوم الاثنين والخميس ، ٢/١٨٧، حديث: ٧٤٧) ۞ مريض جي عيادت ڪرڻ وارو مدني انعام بہ نهايت اهميت جو حامل آهي ڇو جو محسنِ انسانيت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ جيڪو شخص ڪنهن مريض جي عيادت ڪندو آهي تہ هڪ منادي (اعلان ڪرڻ وارو) آسمان مان ندا (اعلان) ڪندو آهي تہ خوش ٿي وڃ جو تنهنجو هي هلڻ مبارڪ آهي ۽ تو جنت ۾ پنهنجو نڪاڻو ٺاهي ورتو آهي. (ابن ماجه،كتاب الجنائز ،باب ما جاء في ثواب من عا د مريضا، ١٩٢/٢،حديث: ١٤٤٣)



www.dawateislami.net

## مَدَني انعامات جون برڪتون

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ هنن **مَدَني اِنعامات** تي عمل، اصل ۾ قرآن ۽ حديث جي ڪجھ اَحڪامن تي عمل ڪرڻ آهي ۽ اِنهن تي عمل جون ايتريون برڪتون آهن، جن جو اندازو نہ ٿو لڳائي سگهجي مثلاً ۞ سنن سنن عملن جون سنيون سنيون نيتون **مَدَني اِنعامات** جي ذريعي۞ فرائض ۽ واجِبات يعني نمازن جي ادائگي ۽ جماعت جي پابندي **مَدَني انعامات** جي ذريعي۞ قرآنِ ڪريم جي تِلاوت **مَدَني انعامات** جي ذريعي ۞ روزن جي ڪثرت **مَدَني انعامات** جي ذريعي۞ ورد ۽ وظيفن تي اِستِقامت (اِس.تِ.قا.مَت) **مَدَني انعامات** جي ذريعي ۞ اميرِ اهلسُنّت ۽ عُلَماءِ اهلسُنّت جي ڪتابن جي مُطالَعي تي هميشگي **مَدَني انعامات** جي ذريعي ۞ قرآن سکڻ سيکارڻ جي سعادت **مَدَني انعامات** جي ذريعي ۞ سُنّتن جو برڪتون **مَدَني انعامات** جي ذريعي۞ روزانه ڪنزُالايمان جي (تفسيرِ خزائِنُ العرفان/نورُالعرفان/صراط الجنان سان گڏ) ٽن (3) آيتن جي تِلاوت **مَدَني انعامات** جي ذريعي ۞ انفرادي ڪوشش جي تَربيت **مَدَني انعامات** جي ذريعي۞ پردي ۾ پردو، اُٿندي ويهندي ۽ بيهڻ وقت جيتري قدر ٿي سگهي قِبلي جي طرف منهن ڪرڻ جي سعادت **مَدَني انعامات** جي ذريعي۞ فلمن ڊرامن، گانن باجن، تهمتن، گارين ،ڪوڙين ڳالهين، چُغلين، وعده خِلافين،طَنز ۽ دِل آزارين، ٺهڪ، حَسَد، تڪبّر ،نِفاق، رياڪاري ۽ خيانت جهڙين مُعاشرتي ،غيراخلاقي ۽ غيرشرعي ڪمن ۽ حَرڪتن کان نفرت **مَدَني انعامات** جي ذريعي۞ ذاتي دوستي جي بجاءِ سيني سان يڪسان (هڪ جهڙا) تَعَلُّقات **مَدَني انعامات** جي ذريعي۞ هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۽ هفتيوار مدني مذاڪري ۾ شِرڪت **مَدَني انعامات** جي



www.dawateislami.net

ذريعي۞ بهارِ شريعت ۽ اعلٰي حضرت جي ڪتابن جو مطالعو **مَدَني انعامات** جي ذريعي۞ مرڪزي مجلسِ شُوريٰ ۽ ڪابينہ ۽ مُشاورتن ۽ مَجالس جي اِطاعت **مَدَني انعامات** جي ذريعي ۞ ايستائين جو **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني ماحول ۾ اِستِقامت بہ **مَدَني انعامات** جي ذريعي نصيب ٿيندي آهي، مختصر هي تہ **مَدَني انعامات** آخرت جي مصيبتن کان نَجات ۽ بي شمار ڀلائين کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهن. تنهنڪري پڪي ۽ سچي نِيت فرمائي ونو تہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اڄ کان ئي روزانہ **فڪرِ مدينہ** ڪرڻ کي پنهنجو معمول بڻائينداسين. اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ

مَدَنی اِنعامات کے عامِل پہ ہر دم ہر گھڑی
یاالٰہی! خُوب برسا رَحمتوں کی تُو جَھڑی

## ڪتاب "فڪرِ مدينہ" جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! فڪرِ مدينہ جي باري ۾ تفصيلي معلومات حاصل ڪرڻ گڏوگڏ نيڪين جو جذبو حاصل ڪرڻ ۽ گناهن کان بچندي پنهنجي عملن جو محاسبو ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 166 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**فڪرِ مدينہ**" جو مطالعو نهايت مفيد آهي. هن ڪتاب ۾ فڪرِ مدينہ (عملن جي محاسبي) جي ضرورت ۽ اهميت، ان جا فائدا، قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ خود احتسابي جو ثبوت ۽ بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی اَجْمَعِیْن جا فڪرِ مدينہ جا واقعات بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ مختلف موضوعن تي **فڪرِمدينہ** ڪرڻ جو عملي طريقو بہ بيان ڪيو ويو آهي. تمام اسلامي ڀائرن کي مدني التجا آهي تہ هي ڪتاب کي اڄ ئي مڪتبة المدينہ تان هديو ڏئي طلب ڪري مطالعو فرمايو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي ريڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.



www.dawateislami.net

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان پنهنجي عملن جو محاسبو ڪرڻ جي حوالي سان ٻڌو ته پنهنجو محاسبو ڪندو رهڻ تمام گهڻي اهميت جو حامل آهي. آخرت جي نجات انهي ۾ آهي جو انسان دنيا ۾ ئي پنهنجو محاسبو ڪندو رهي ۽ پنهنجي نفس جي چڱي نموني نگراني ڪندو رهي، جيڪو شخص آخرت جي حساب ڪان پهرين پنهنجو حساب پاڻ ڪندي پنهنجي ذات ۽ پنهنجي ڪمن ۾ موجود برائين کي سُڌاري وٺندو آهي، اهو گناهن کان بچڻ، نيڪيون ڪثرت سان ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي، انهن نيڪ عملن جي برڪت سان ان کي مشڪلاتن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد حاصل ٿيندي آهي ۽ قيامت جي ڏينهن خوبصورت باغ اهڙي شخص جو ٺڪاڻو ٿيندا. قرآن ۽ حديث ۾ خود احتسابي جي ترغيب ڏياري وئي آهي، بلڪ حديثِ پاڪ ۾ ته تاڪيدي ڪئي وئي آهي ته انسان کي پنهنجي وقت مان ڪجھ وقت احتساب (**فڪرِ مدينه**) جي لاءِ مقرر ڪرڻ گهرجي ۽ ڪنهن به ڪم کان پهرين ان جي انجام جي باري ۾ غور ڪرڻ گهرجي ته هي ڪم چڱو آهي يا بُرو. جيڪڏهن چڱو هجي ته ڪري ۽ بُرو هجي ته ان کان رڪجي وڃي. ياد رهي! ته فڪرِ مدينه ڪندي آخرت جي باري ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ صرف نيڪين جي ڪثرت جو ذريعو ئي ناهي بلڪ پاڻ به عظيم نيڪي ۽ زبردست عبادت آهي جيئن ته اسان حديثِ پاڪ ۾ ٻُڌو ته آخرت جي باري ۾ گهڙي کن غور ۽ فڪر ڪرڻ سٺ (60) سالن جي عبادت کان بهتر آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي شفقتن جي سبب اسان جي لاءِ مدني انعامات جي ذريعي فڪرِ مدينه ڪرڻ نهايت آسان ٿي ويو آهي، تنهنڪري سڀ اسلامي ڀائر فڪرِ مدينه ڪندي **مدني انعامات** جو رسالو پُر ڪرڻ (**فڪرِ مدينه**) کي پنهنجو معمول بڻائي وٺو،



www.dawateislami.net

ڳڌوڳڌ ان تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ مدني قافلن ۾ سفر ڪندا رهو. ان جي برڪت سان مدني انعامات تي عمل ڪرڻ اسان جي لاءِ آسان ڪان آسان ٿيندو ويندو.

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## مجلسِ حج و عمره

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ نيڪيون ڪرڻ، گناهن کان بچڻ جو خوب خوب مدني ذهن ڏنو ويندو آهي، ڳڌوڳڌ منظم طريقي سان مدني ڪمن ڪي وڌائڻ جي لاءِ ڪيترائي شعبا قائم ڪيا ويا آهن، انهي شعبن مان هڪ شعبو "**مجلس حج و عمره**" به آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته حج هڪ اهم عبادت آهي، هر سال لکين مسلمان هڪ ئي لباس ۾ رنگ ۽ نسل جي فرق کي متائيندي ۽ پاڻ ۾ نفرتون ۽ رنجشون وساري حرم جي سرزمين تي جمع ٿيندا آهن، جنهن جي اتفاق ۽ اتحاد جو انداز ڏسي ڪري پوري دنيا حيران ٿيندي آهي، هي لمحو عاشقن جي لاءِ ڪنهن طور تي نعتِ عظمٰي کان گهٽ نه هوندو آهي، ڇو جو انهن کي ربّ عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه کان حاضري جو پروانو ملندو آهي ته انهن جو جذبو ڏسڻ جي قابل هوندو آهي.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن حج تي وڃڻ وارن اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي تربيت تي به خصوصي توجهه ڏني ۽ انهن کي بارگاهِ خداوندي ۽ بارگاهِ مصطفوي جا آداب



www.dawateislami.net

سيڪارڻ جي لاءِ هڪ شهرهء آفاق ڪتاب "**رفِيقُ الحَرمين**" تحرير فرمايو ۽ مڪي ۽ مديني جي فضائن ۾ پنهنجي سيني کي معطر ڪرڻ جي لاءِ وڃڻ وارن کي آداب ۽ بين ضروري مسئلن وغيره کان آگاهه ڪرڻ جي لاءِ "**مجلسِ حج و عمره**" ٺاهي. هر سال حج جي "**موسم بهار**" ۾ حاجي ڪيمپن ۾ "**مجلسِ حج و عمره**" جي زيرِ اهتمام دعوتِ اسلامي جا مبلغ حاجين جي تربيت ڪندا آهن. حج ۽ مدينهء منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي زيارت جيِ رهنمائي جي لاءِ مديني جي مسافرن کي حج ۽ عمري جا ڪتاب مثلاً **رفِيقُ الحَرمين** ۽ **رَفِيقُ المُعتَمِرِين** به مفت پيش ڪيا ويندا آهن.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو!

## 12 مدني ڪمن ۾ حصو وٺو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي اخلاق کي سنوارڻ ۽ پنهنجي گفتار ۽ ڪردار کي بهتر بنائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي سان وابسته ٿي وڃو ۽ گڏوگڏ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ به حصو وٺو، ياد رهي ته ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "**مدني انعامات**" جو رسالو جمع ڪرائڻ به آهي، اسان پاڻ به **مدني انعامات** تي عمل سان گڏوگڏ **مدني انعامات** جو رسالو جمع ڪرائيندي، بين کي به پابندي سان **مدني انعامات** جو رسالو جمع ڪرائڻ جو ذهن ڏيندا رهون، ان تي استقامت جي برڪت سان اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ نيڪ عملن ۾ اضافو ٿيندو. اسان کي به گهرجي ته اسان استقامت سان فڪرِ مدينه کي پنهنجو معمول بڻايون، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جو بي شمار برڪتون حاصل ٿينديون اچو ته ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.



www.dawateislami.net

## روزانو فڪرِ مدينه ڪرڻ جو انعام

**هڪ** اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي: اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون کي **مدني انعامات** سان پيار آهي ۽ روزانو **فڪرِ مدينه** ڪرڻ منهنجو معمول آهي هڪ ڀيري آءُ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ بلوچستان جي سفر تي هيس. انهيءَ دوران مون گناهگار تي ڪرم جو دروازو کُلي ويو. ٿيو هيئن ته رات جو جڏهن سُمهيس ته قسمت ناز منجهان جاڳي پئي، **جنابِ رسالتِ مآب** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف فرما ٿيا، اجان جلون ۾ ئي گم هيس ته لب مبارڪن کي جنبش ٿي ۽ رحمت جا گل ڇنڇڻ لڳا لفظن ڪجھ هن طرح ترتيب ماڻي، **جيڪي مدني قافلي ۾ روزانو فڪرِ مدينه ڪندا آهن مان انهن کي پاڻ سان گڏ جنّت ۾ وٺي ويندس**

شکریہ کیوں کر ادا ہو آپ کا یا مصطفٰے — کہ پڑوسی خُلد میں اپنا بنایا شکریہ

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

**مَٺامَٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مِشڪاة المَصابيح ، ج۱ ص۵۵ حديث ۱۷۵ دارالڪتب العلمية بيروت)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا — جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

پهرين ﮭ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو: ۞ ﮭ رڪعتون مسواڪ (يعني ڏندڻ) ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهن . (الترغيب والترهيب ج 1 ص 102 حديث 18) ۞ مِسواڪ جو استعمال پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇو تہ هي وات جي صفائي ۽ ربّ تعاليٰ جي رضا جو سبب آهي . (مسند امام احمد بن حنبل ج 2 ص 438 حديث 5869) ۞ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ مسواڪ ۾ ڏھ خوبيون آهن: وات کي صاف ڪري ٿو، مهارن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي ٿو. ۞ سيّدنا امام شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: چار شيون عقل وڌائينديون آهن: فضول ڳالهين کان پرهيز، مسواڪ جو استعمال، نيڪ ماڻهن جي صحبت، پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ (حياة الحيوان ج 2 ص 166) مسواڪ پيلو يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي جو هجي مسواڪ جي ٿولهہ چيچ جي برابر هجي ۞ مسواڪ جڏهن استعمال جي قابل نہ رهي تہ اڇلايو نہ، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهہ تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو .

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جا شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتين اور آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر آهي.

تين دن ہر ماہ جو اپنائے مَدَنی قافلہ | بے حِساب اُس کا خُدایا! خُلد میں ہو داخلہ

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت به، اهو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[3]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[4]

---

3...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

4...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[5]

## (4) ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[6]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، ان تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ايئن پڙهندو آهي.[7]

---

5 ...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

6 ...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الثانیۃ والخمسون،ص149

7 ...القول البدیع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

**شافع امم** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جو** فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[8]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[9]

## (2) هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

غرائب القرآن صفحه 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي ته جيڪو شخص رات ۾ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو ته ان ڄڻ شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو لهٰذا هر رات هي دعا پڙهڻ گهرجي. دعا هي آهي:

---

8 … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

9 … مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الۡحَلِيۡمُ الۡكَرِيۡمُ ، سُبۡحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبۡعِ وَرَبِّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡم

"يعني خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي." (فيضانِ سنّت ج اوّل، ص 1163، 1164)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net